باب
# 14
# گنڀير بيمارين جن ڏانهن خاص ڌيان ڏيڻو پوي ٿو

هن باب ۾ ذڪر ڪيل بيمارين جو علاج ڊاڪٽر جي مدد کانسواءِ ڪرڻ ڏکيو يا نا ممڪن سمجهيو وڃي ٿو. جو انهن لاءِ اهڙين خاص دوائن جي ضرورت پوي ٿي جيڪي ٻهراڙين ۾ مشڪل سان ملي سگهن ٿيون ۽ گهريلو ٽوٽڪن سان انهن جو علاج ڪري نٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن فرد کي انهن مان ڪا بيماري ٿي پوي ته سندس جلد تندرست ٿيڻ جو مدار ڪيس ترت طبي امداد ملڻ تي آهي.

**احتياط**: ڪيترين بيمارين جن جو ٻين بابن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي سي به گنڀير ٿي سگهن ٿيون ۽ انهن لاءِ به طبي مدد جي ضرورت پئجي سگهي ٿي. ان لاءِ صفحي 42 تي **گنڀير / سنگين بيمارين جون نشانيون** پڙهو.

## ٽي بي/ سلهه – Tuberulosis

ڦڦڙن جي سلهه گهڻو وقت هلندڙ، وچڙندڙ ۽ ڪنهن کي به ٿي سگهي ٿي. عام طور تي ان جو شڪار 15 کان 35 سالن جي ڄمار وارا خاص طور تي اهي فرد ٿين ٿا جيڪي ائڊس (ص 399) ۾ مبتلا، ڪمزور يا ڪاڏي جي اوٽائپ جو شڪار يا ڪنهن سلهه جي مريض سان گڏ رهندڙ هجن.



جيئتوٽيڪ سلهه جو مڪمل علاج موجود آهي، پر تڏهن به هر سال هزارين انسان سلهه سبب موت جو شڪار ٿي وڃن ٿا. سلهه جي بچاءُ ۽ علاج لاءِ شروعاتي حالتن ۾ ئي **علاج ڪرائڻ ضروري ٿئي ٿو. تنهنڪري سلهه جي ظاهر ٿيندڙ نشانين ڏانهن ڌيان ڏيڻ ضروري ٿئي ٿو**، ته جيئن توهان سلهه جي ڪنهن به مريض کي سولائيءَ سان سڃاڻي سگهو. اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن فرد ۾ سلهه جون ڪجهه يا سڀئي نشانيون موجود هجن.

**سلهه جو وڌ ۾ وڌ عام نشانيون آهن**:

- اهڙي کنگهه جيڪا 3 هفتن کان متي هلي ٿي ۽ عام طور تي ننڊ مان اٿڻ کانپوءِ بدتر ٿي وڃي.
- شام جو هلڪو بخار ۽ رات جو پگهر اچڻ.
- سيني ۽ پٺاڙن جي مٿئين حصي ۾ سور ٿي سگهي ٿو.
- وزن گهٽبو ۽ ڪمزوريءَ جو وڌي وڃڻ.

**شديد يا پراڻي سلهه جي حالت ۾**:

- کنگهڻ سان رت اچڻ (عام طور تي گهٽ پر ڪن کي گهڻي).
- آواز گهگهو ٿي وڃڻ (خطرناڪ نشاني).

**ننڍيءَ عمر جي ٻارن ۾**: ممڪن آهي ته کين کنگهه دير سان شروع ٿئي، تنهنڪري هيٺين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏجي:

- وزن گهٽبو رهڻ.
- هر هر بخار اچڻ
- چمڙيءَ جو رنگ هلڪو ٿي وڃڻ
- ڳچيءَ جي سوڄ (لمف نوڊن جي) يا پيٽ جي سوڄ (ص. 20)

عام طور تي رڳو ڦڦڙ سلهه جو شڪار ٿين ٿا. جڏهن ته اها جسم جي ڪنهن به عضوي ۾ ٿي سگهي ٿي. ننڍن ٻارن ۾ سلهه سبب گردن توڙ (ڏسو ص. 185) به ٿي سگهي ٿو. سلهه سبب ٿيندڙ چمڙيءَ جي بيمارين لاءِ ڏسو صفحو 212.

**جيڪڏهن توهانکي سلهه هجڻ جو شڪ هجي ته:** طبي مدد حاصل ڪريو. سلهه جي پهرئين نشاني جي حالت ۾ هيلٿ سينٽر وڃو جتي هيلٿ ورڪر توهانجي تپاس ڪندو ۽ ڪنگهڻ سان خارج ٿيندڙ بلغم جي چڪاس ڪري ڏسندو ته توهانکي سلهه آهي يا نه. ڪيترين ملڪن ۾ سلهه جون دوائون مفت ۾ ڏنيون وڃن ٿيون. توهان به ڪنهن ويجهي سينٽر مان اهڙي معلومات حاصل ڪريو. سلهه جي حالت ۾ ممڪن آهي ته توهانکي هيٺئين دوائن مان ڪجهه ڏنيون وڃن.

- آئسونائزڊ (آءِ اين ايچ) گوريون (ص. 361)
- ريفامپين گوريون (ص. 362)
- پائرازينامائيڊ گوريون (ص. 362)
- ايٿامبوٽال گوريون (ص. 362)
- اسٽرپٽومائيسن انجيڪشن (ص. 363)
- ٿائسيٽازون گوريون (ص. 363)

ڊاڪٽر جي هدايتن مطابق دوائن جو استعمال ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو. مختلف ملڪن ۾ مختلف علاج ٿي سگهي ٿو، جڏهن ته عام طور تي علاج جا ٻه حصا ٿين ٿا. ٻن مهينن تائين 3 يا 4 دوائون کائڻ کانپوءِ توهانجي بلغم جي چڪاس ڪئي ويندي. جيڪڏهن توهانجي صحت سڌري رهي ته ايندڙ 4 کان 6 مهينن تائين توهانکي 2 دوائون کائڻيون پونديون. ان کانپوءِ وري توهانجي تپاس ڪري ڏسڻو پوندو ته شفاياب ٿي ويا آهيو. دوائون کائڻ ان سبب بند ڪري ڇڏڻ نه گهرجي ته توهان بهتر محسوس ڪري رهيا آهيو، ائين ڪرڻ سان نه رڳو بيماري اٿلي، ٻين کي وچڙي سگهي ٿي ته بيماري جي جيوڙن ۾ دوائن لاءِ مزاحمت به پيدا ٿي سگهي ٿي. سلهه جي مڪمل علاج ۾ 6 مهينن کان هڪ سال کان متي وقت لڳي سگهي ٿو.

جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي جام کائو. طاقتور، پروٽين ۽ وٽامنن سان ڀريل کاڌا گهڻا کائو (ص. 110 کان 111). آرام ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو. ممڪن ٿي سگهي ته نوڪري/ ڌنڌو ڌاڙي ڇڏي تيستائين آرام ڪريو جيستائين بهتر ٿيڻ محسوس نه ڪريو. اڳتي، ڪوشش ڪري ڪو به اهڙو سخت ڪم ڪار نه ڪريو جنهن سبب ساٿائي ۽ ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿئي. ڪوشش ڪري گهڻو آرام ۽ ننڊ ڪريو.



ڪنڌي جي ٽي بي

جسم جي ٻئي ڪنهن به عضوي جهڙوڪ: ڦڦڙن، ڳچيءَ جي غدود، پيٽ (ڏسو تصوير ص. 20)، چمڙيءَ (ڏسو ص. 212) ۽ ڪنهن سنڌ (جهڙوڪ گوڏي) جي سلهه جو به علاج ائين ئي ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪو ٻار ڪنڌي جي سلهه ۾ شديد طرح سان مبتلا هجي ته ان لاءِ آپريشن ڪئي وڃي ٿي، ته جيئن ڪيس فالج ٿيڻ کان بچائي سگهجي (ڏسو معذور ڳوناٽا ٻار، باب 21).

**سلهه هڪ تمام خطرناڪ وچڙندڙ بيماري آهي.** اهي ماڻهو (خاص طور تي ٻار) جيڪي سلهه جي مريض سان رهن ٿا تن کي به سلهه ٿيڻ جو زبردست خطرو رهي ٿو.

**جڏهن گهر ۾ ڪو ڀاتي سلهه ۾ مبتلا هجي:**

- ممڪن ٿي سگهي ته گهرجي هر فرد جي سلهه جي تپاس (Tuberculin test) ڪرائجي.
- ٻارن کي سلهه کان بچائڻ لاءِ بي سي جي (BCG) جي وئڪسين ڪرائجي.
- هر فرد، خاص طور تي ٻارن کي طاقتور کاڌا جام کائڻ گهرجي.
- سلهه جي مريض کي ٻين سڀني ٻارن کان تيستائين الڳ، نويڪلي ڪمري ۾ کائڻ پيئڻ ۽ سمهڻ گهرجي جيستائين ڪيس ڪنگهه رهي ٿي
- ڪيس اهو به سمجهائڻ گهرجي ته ڪنگهڻ وقت وات ڍڪي ۽ زمين تي ٿڪون نه اڇلائي.
- گهر ڀاتين جي وزن ۾ ٿيندڙ گهٽتائي ۽ سلهه جي ٻين نشانين ڌانهن ڌيان ڏجي. ممڪن ٿي سگهي ته هر ڀاتيءَ خاص طور تي ٻارن جو مهيني ۾ هڪ دفعو تيستائين وزن ڪبو رهجي جيستائين سلهه ٿيڻ جا امڪان گهٽجي نٿا وڃن.

ڪيترن ڪٽنبن ۾ سلهه عام طور تي آهستي ۽ خاموشيءَ سان پکڙجي ٿي. جيڪڏهن گهر جي ڪنهن فرد ۾ سلهه جون نشانيون نظر اچن ته ان جي تپاس ڪرائي، **هڪدم علاج شروع ڪرائجي**.

**اصل بچاءُ ترت ۽ مڪمل علاج ۾ آهي**



## رئبيز / چِتڪُتائپ – Rabies

ڪنهن چتي جانور، جهڙوڪ ڪتي، ٻلي، گدڙ، ٻگهڙ ۽ لومڙي جي چڪ پائڻ سان چتڪتائپ جي بيماري ٿئي ٿي. چمڙن ۽ ٻين جانورن جي چڪ سان بہ چتڪتائپ ٿئي ٿي.

**چتڪتائپ جون نشانيون:**

**اهڙو جانور:**

- غير معمولي حرڪتون ڪري ٿو، ورلي موڳو، بيچين ۽ بدمزاج ٿي وڃي ٿو.
- وات مان جهڳ وهائي ٿو ۽ ڪائي پي نٿو سگهي.
- ورلي چتو ٿي پنهنجي آس پاس ۾ موجود هر فرد يا شئي کي چڪي ٿو.
- اهڙو جانور 5 کان 7 ڏينهن اندر مري وڃي ٿو.

**ماڻهن ۾:**

- چڪ پاتل جاءِ تي سور ۽ سر سر/ چُپ چُپ / ڪاندار پيدا ٿئي ٿي
- ساهہ کڻڻ جو عمل ائين بي قاعدي ٿي وڃي ٿو ڄڻ تہ اهڙو فرد گهٽو روئيندو رهيو هجي.
- ڳيت ڏيڻ ۾ سور ۽ تڪليف محسوس ڪري ٿو. سندس پڪ گهٽي گهاٽي ۽ چيڙهالي ٿي وڃي ٿي.
- مريض قڙت پر گهٽو پريشان ۽ چيڙاڪ رهي ٿو: ڪيس ڪاوڙ جا دورا بہ پئجي سگهن ٿا.
- جيئن جيئن مرڻ جو وقت ويجهو اچيس ٿو ڪيس دورا پون ٿا ۽ فالج ٿي پوي ٿو.

**جڏهن توهان محسوس ڪيو تہ ڏاڙهيندڙ جانور چتو آهي:**

- ♦ اهڙي جانور کي هڪ هفتي تائين ٻڌي يا واڙي ڇڏجي.
- ♦ چڪ پاتل هنڌ کي صابڻ، پاڻيءَ ۽ هئڊروجن پرآڪسائيڊ سان چڱيءَ طرح ڌوئي صاف ڪري ڦٽ کي ٻڌڻ بجاءِ ڪليل ڇڏي ڏجي.
- ♦ جيڪڏهن جانور هڪ هفتي کان اڳ ۾ مري وڃي (يا ڪنهن اڳ ۾ ماري ڇڏيو يا پڪڙجي نہ سگهيو هجي) تہ ڪاٽل شخص کي هڪدم هيلٿ سينٽر پهچائجي، جتي ڪيس چتڪتائپ / رئبيز جي بچاءَ جي انجيڪشن جو پورو ڪورس هنيو ويندو.

چتڪتائپ جون شروعاتي نشانيون چڪ پائڻ جي 10 ڏينهن کان 2 سالن تائين (عام طور تي 3 کان 7 هفتن اندر) ظاهر ٿي پون ٿيون. هر حالت ۾، بيماريءَ جي شروعاتي نشاني ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۾ علاج شروع ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو. چو تہ بيماري شروع ٿيڻ ڪانپوءِ اهڙو ڪو بہ علاج ڪونهي جيڪو مريض جي زندگي بچائي سگهي.

**اُپاءَ:**

- جڏهن ڪنهن جانور ۾ چتڪتائپ جو شڪ هجي تہ ان کي ماري پوري ڇڏجي (يا هڪ هفتي تائين واڙي ڇڏجي)
- ڪتن کي وئڪسين ڪرائڻ ۾ سهڪار ڪجي.
- ٻارن کي، بيمار لڳندڙ يا عجيب حرڪتون ڪندڙ جانورن کان پري رکجي.

**بيمار يا عجيب حرڪتون ڪندڙ جانور سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ لاءِ مڪمل هوشياري وٺجي. چتي جانور جي چڪ پائڻ ڪانسواءِ جيڪڏهن ان جي ڳِگ، جسم جي وڍيل، چيرل يا ڦٽيل حصي تي لڳي پوي تہ چتڪتائپ جي بيماري ٿي سگهي ٿي.**

# جهٽڪن جي بيماري / ٽيٽنس – Tetanus

جهٽڪن جي بيماري هڪ اهڙي جيوڙي سبب ٿئي ٿي جيڪو انسانن ۽ جانورن جي ڪرفتيءَ ۾ ٿئي ۽ ڪنهن زخم رستي جسم ۾ پهچي وڃي ٿو، ان لحاظ کان گهرا ۽ گندا زخم خاص طور تي خطرناڪ ٿين ٿا.

جانور، خاص طور تي ڪتي ۽ مروڻ جي چڪ پائڻ سان



گوليءَ يا چاقوءَ جي زخم سان



گندين سُئين رستي جسم ٽوپڻ سان



ڪنڊيدار تارن سبب ٿيل زخم سان



چيت / چيهن، ڪنڊن يا ڪوڪن سبب ٿيندڙ ڦاٽل زخمن سان



## نئين ڄاول ٻارن ۾ ٽيٽنس ٿيڻ جا سبب:

جڏهن صفائي نه رکي وڃي يا اهڙا ٻيا حفاظتي اپاءُ نه ورتا وڃن تڏهن نئين ڄاول ٻار جي جسم ۾ ٽيٽنس جا جيوڙا ناڙي رستي داخل ٿين ٿا.

ٽيٽنس ٿيڻ جا امڪان تڏهن وڌي وڃن ٿا جڏهن ناڙو جسم کان گهڻو پري ڪٽيو ويو هجي.



- جڏهن ناڙو، ڪنهن اهڙي شئي سان ڪٽيو وڃي جيڪو نه ته ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾ اوٻاريو ۽ نه ئي پوري طرح صاف ڪيو ويو هجي، يا
- جڏهن ناڙو جسم جي **ويجهو** نه ڪٽيو ويو هجي (ص. 262) يا
- جڏهن تازي ڪٽيل ناڙي کي تنگيءَ سان ڍڪيو وڃي يا خشڪ نه رکيو وڃي

### ٽيٽنس جون نشانيون:

- زخم پڪريزي (ورلي اهڙو ڪو زخم نظر نٿو اچي)
- ڳِهڻ/ ڳيت ڏيڻ ۾ تڪليف
- اڳ ۾ ڄاڙي ۽ پوءِ ڪنڌ ۽ جسم جي ٻين حصن جون مشڪون سيٽجي سخت ٿي وڃن ٿيون. مريض کي هلڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي.
- ڄاڙيءَ ۾ تڪليف ده سيٽ (اوچتا جهٽڪا) ۽ آخر ۾ سڄو جسم سيٽجي وڃي ٿو. مريض کي ڇهڻ يا لوڏڻ سان جسم ائين سيٽجي وڃي ٿو، جيئن تصوير ۾ ڏيکاريل آهي.



ڪنهن اوچتي آواز يا روشني سبب به دورا پئجي سگهن ٿا.

**نئين ڄاول ٻار** ۾ ٽيٽنس جون شروعاتي نشانيون عام طور تي پيدائش جي 3 کان 10 ڏينهن ڪانپوءِ ظاهر ٿين ٿيون. اهڙو ٻارڙو سدائين روئيندو رهي ٿو ۽ ڊڪ ڌائي نٿو سگهي. عام طور تي ناڙي وارو هنڌ ڪنو يا پڪريزي هجي ٿو. ڪيترن ڪلاڪن يا ڏينهن ڪانپوءِ ٽيٽنس سبب ڄاڙي سخت ٿي وڃڻ ڪانسواءِ ٻيون نشانيون به ظاهر ٿيڻ شروع ٿين ٿيون.

پهرين نشاني ظاهر ٿيڻ سان ئي ٽيٽنس جو علاج شروع ڪرڻ تمام ضروري ٿي پوي ٿو. جيڪڏهن توهانکي ٽيٽنس جو شڪ هجي (يا جڏهن نئون ڄاول ٻارڙو رڳو روئيندو رهي ۽ کير پيئڻ ڇڏي ڏئي) ته انلاءِ هيٺئين تپاس ڪري ڏسو:

### گوڏي جو ردعمل ڏسڻ

سولائيءَ سان لڙڪندڙ ٽنگ جي ڍڪڻيءَ جي هيٺان ڏوڏي سان هلڪو ڌڪ هڻي ڏسو.



جيڪڏهن ٽنگ ٿورڙي اڳتي ٿئي ته اهو ردعمل عام رواجي سمجهجي.



پر جي ٽنگ گهڻي مٿي ٿي وڃي ته اها ڳالهه ڪنهن خطرناڪ بيماريءَ جهڙوڪ: ٽيٽنس (يا گردن توڙ يا ڪن دوائن يا ڪوئامار زهر) جي نشاني ٿي سگهي ٿي.



هيءَ تپاس خاص طور تي نون ڄاول ٻارن کي ٽيٽنس جي شڪ هجڻ لاءِ ڪارائتي ثابت ٿي سگهي ٿي.

### ٽيٽنس جون نشانيون ظاهر ٿيڻ تي ڇا ڪجي:

ٽيٽنس هڪ موتمار بيماري آهي، تنهنڪري ان جي پهرئين نشاني ظاهر ٿيندي ئي طبي مدد حاصل ڪجي. جيڪڏهن ترت طبي مدد ملڻ ۾ دير ٿئي ته هيٺيون ڳالهيون ڪجن.

- ♦ سڄي جسم کي ڇڪاسجي ته ڪٿي ڪو پڪريز يا زخم ته موجود ناهن. عام طور تي اهڙي زخم ۾ گند ٿئي ٿو. زخم کولي صابڻ ۽ اوٻاريل ٿڌي کيل پاڻيءَ سان ڌوئي صاف ڪجي. زخم مان سڄو گند، مٽي، ڪنڊا ۽ ڇيتون وغيره ڪيڄن، جيڪڏهن هئڊروجن پرآڪسائيڊ هجي ته زخم مٿان جام هاري زخم صاف ڪجي.

- هڪدم پروڪين پينسلين (10 لک يونٽ) جي انجيڪشن هڻجي ۽ هر 12 ڪلاڪن ڪانپوءِ اها ورجائجي (ص. 353) (نون ڄاول ٻارڙن لاءِ ڪرسٽلائن پينسلين بهتر ٿئي ٿي). جيڪڏهن پينسلين نہ هجي تہ ڪا ٻي اينٽي بايوٽڪ جهڙوڪ ٽيٽرا سائيڪلين هڻجي.
- انساني اميون گلوبيولن (Human Immune Globulin) ملي سگهي تہ ان جا 5000 هزار يونٽ يا ٽيٽنس ائنٽي ٽاڪسن (Tetanus antitoxin) جا 40,000 کان 50,000 هزار يونٽ هڻجن. انجيڪشن هڻڻ لاءِ سڀ احتياطي اپاءَ وٺڻ گهرجن (ڏسو ص. 70 ۽ 389). انساني اميون گلوبيولن هڻڻ سان ائلرجي ٿيڻ جو شديد خطرو گهٽ رهي ٿو. جڏهن تہ اها نہ رڳو مهانگي پر ڏکي ملي ٿي.
- جيستائين مريض ۾ ڳيت ڏيڻ جي طاقت هجي تيستائين ڪيس هر هر طاقت ڏيندڙ پاڻيٺي غذا ڍڪ ڍڪ ڪري پياريندا رهو.
- جهٽڪن گهٽائڻ لاءِ فينوباربيٽال (وزن لاءِ ڏسو ص. 390) يا ڊائزيپام (وئليم ص. 390) جي انجيڪشن هڻجي. وڏن کي شروعات ۾ ئي 10 کان 20 ملي گرام ۽ پوءِ ضرورت آهي وڌيڪ وزن ۾ هڻي سگهجي ٿي.
- جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي مريض کي گهٽ ۾ گهٽ ڇهجي يا چورجي، ڪيس گوڙ ۽ تيز روشنيءَ کان بہ بچائجي.
- ضروري سمجهجي تہ نک ۽ نڙيءَ وارو بلغم ڪڍڻ لاءِ انجيڪشن ۾ ربڙ جي نلڪي (catheter) ڳنڍيو، ڊوهي ڪيجي ائين ڪرڻ سان سندس ساهہ - لنگهہ صاف ٿي ويندو.
- نئين ڄاول ٻار کي ٽيٽنس هجي تہ ڪنهن هيلٿ ورڪر يا ڊاڪٽر کان ٻار جي نک ۾ نلڪي وجهرائي ان رستي کيس ٿڃ پياربي رهجي. ائين ڪرڻ سان ٻار کي کاڌو بہ ملندو رهندو ۽ بيماريءَ کي بہ گهٽائي سگهبو.

**ٽيٽنس جا اپاءَ ڪيئن وٺجن:**

سنين اسپتالن ۾ بہ ٽيٽنس جا اڌ مريض مري وڃن ٿا. جڏهن تہ ٽيٽنس جا اپاءَ وٺڻ علاج ڪرائڻ کان وڌيڪ سولا آهن.

- **وئڪسين:** ٽيٽنس کان بچاءَ جو سڀ کان يقيني طريقو وئڪسين ڪرائڻ آهي. ٻارن ۽ وڏن ٻنهي کي وئڪسين ڪرائڻ گهرجي. پنهنجي سڄي ڪٽنب کي بہ ڪنهن ويجهي هيلٿ سينٽر تان وئڪسين ڪرائي ڇڏڻ گهرجي. (ڏسو ص. 147). ٽيٽنس کان مڪمل طور تي محفوظ رهڻ لاءِ هر ڏهن سالن ڪانپوءِ وئڪسين ڪرائڻ گهرجي. عورتن کي هر دفعي جي پيٽ ٿيڻ سان هيءَ ويڪسين ڪرائڻ سان ٻارڙي کي ٽيٽنس نٿي ٿئي (ڏسو ص. 250).
- جڏهن ڪو زخم خاص طور تي گهرو يا گندو هجي تہ ان جي صفائي ۽ سنڀال ائين ڪجي جيئن ص. 89 تي ٻڌايل آهي.
- جڏهن زخم گهڻو وڏو، گهرو يا ڪنو ٿي ويو هجي تہ طبي امداد حاصل ڪجي. جيڪڏهن توهانکي ٽيٽنس جي وئڪسين ڪيل ناهي تہ پينسلين استعمال ڪجي. ٽيٽنس لاءِ ڪنهن اينٽي ٽاڪسن جي انجيڪشن هڻائڻ جي چنتا ڪجي (ڏسو ص. 389).
- نون ڄاول ٻارڙن کي ٽيٽنس کان بچائڻ لاءِ صاف سٿرو رکڻ تمام ضروري آهي. ناڙي ڪٽڻ لاءِ جيوڙن کان بلڪل صاف (اسٽرلائزڊ) اوزار استعمال ڪجن (ص. 262)؛ ناڙو جسم ويجهو ننڍڙو ڪري ڪٽجي ۽ دن وارو سڄو حصو صاف ۽ خشڪ رکجي.

هن ٻار جو ناڙو ننڍڙو ڪٽيو ويو، خشڪ ۽ وائکو رکيو ويو



هي ٻار تندرست رهيو

هن ٻار جو ناڙو ڊگهو ڪٽيو، ڍڪيل ۽ خشڪ بہ نہ رکيو ويو.



هي ٻار ٽيٽنس سبب مري ويو

# گردن ٿوڙ بخار - Meningitis

گردن ٿوڙ، دماغ جي هڪ انتهائي خطرناڪ بيماري آهي ۽ ٻارن ۾ گهڻي عام ٿئي ٿي. ڪنهن ٻيءَ بيماري جهڙوڪ: ارڙيءَ، مليءَ (mumps)، وڏيءَ کنگهه يا ڪن جي انفيڪشن جي گهڻي خراب ٿي وڃڻ سبب به ٿي سگهي ٿي. جن ٻارڙن جي مائرن کي سلهه هجي ٿي تن کي ورلي، عمر جي پهرئين چند مهينن ۾ سلهه وارو گردن ٿوڙ (Tubercular meningitis) ٿي پوي ٿو.

**نشانيون:**



- بخار
- شديد مٿي جو سور
- سيٽيل ڪنڌ، ٻار گهڻو بيمار نظر اچي ٿو ۽ ڪنڌ ۽ مٿو ائين پوئتي لاڙي سمهي ٿو جيئن تصوير ۾ ڏيکاريل آهي
- پٺي ايتري سيٽجي وڃيس ٿي جو مٿو جهڪائي گوڏن ۾ ڏئي نٿو سگهي.
- هڪ سال کان ننڍي عمر جي ٻار جو تارون نڪري اچي ٿو.
- الٽيون عام ٿي پون ٿيون.
- ابهمن ۽ ننڍن ٻارن ۾ گردن ٿوڙ جي جلدي سڃاڻپ ڪري سگهڻ ڏکي ٿئي ٿي. اهڙو ٻار عجيب طرح روئي ٿو. اهڙي روئڻ کي 'the meningitis cry' سڏجي ٿو. اصل، ماءُ جي ڏک ڏارائيندي رهڻ دوران به روئيندو رهي ٿو. يا ٻار تمام گهڻو ننڊرُ ٿي وڃي ٿو.
- ورلي ڪيس جهٽڪا ٿين ٿا يا عجيب جسماني چرپر ڪري ٿو.
- ٻار جي حالت وڌيڪ بگڙندي وڃي ٿي ۽ هو تڏهن چپ ڪري ٿو جڏهن مڪمل بيهوش ٿي وڃي ٿو.
- سلهه وارو گردن ٿوڙ آهستي آهستي ڪيترن ڏينهن يا هفتن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. جڏهن ته گردن ٿوڙ جا ٻيا قسم گهڻو جلد، چند ڪلاڪن يا چند ڏينهن ۾ ظاهر ٿي پون ٿا.

**علاج:**

**جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي طبي مدد حاصل ڪجي.** اهڙيءَ حالت ۾ هر منٽ قيمتي سمجهيو وڃي ٿو. ممڪن ٿي سگهي ته مريض کي اسپتال پهچائجي، تيستائين:

- ♦ هر ڇئن ڪلاڪن ڪانپوءِ 500 ملي گرام ايمپيسلن (ڏسو ص. 353) يا هرڇئن ڪلاڪن ڪانپوءِ ڪرسٽلائين پينسلين جا ڏهه لک يونٽ هڻجنس (ڏسو ص. 353) ممڪن ٿي سگهي ته، ڪلورام فينيڪول (ڏسو ص. 357) به ڏجيس.
- ♦ بخار تيز هجي (400° س کان مٿي) ته ٿڌي پاڻيءَ جي پٽين رکڻ ۽ ايسيٽامينوفن يا ائسپرين (ڏسو ص. 379 کان 380) رستي گهٽائجيس .
- ♦ جيڪڏهن ماءُ کي سلهه هجي يا توهانکي شڪ هجي ته ٻار کي سلهه وارو گردن ٿوڙ آهي ته ٻار کي اسٽريپٽومائيسن جي انجيڪشن هڻجي (ٻارن جي وزن آهر، هر پنجن ڪلوگرامن لاءِ اسٽريپٽومائيسن جا 0.2 ملي لٽر) ۽ ترت طبي مدد حاصل ڪجي. جيڪڏهن گردن ٿوڙ سلهه سبب نه هجي ته، ايمپسيلين يا پينسلين جي انجيڪشن هڻجيس.

**اپاءُ:**

سلهه واري گردن ٿوڙ جي اپاءُ لاءِ سلهه ۾ مبتلا مائرن کي پنهنجن ٻارن کي پيدائش وقت بي سي جيءِ جي وئڪسين ڪرائڻ گهرجي. نئين ڄاول ٻار لاءِ ان جو وزن 0.05 ملي لٽر آهي (يعني عام وزن 0.1 ملي لٽر جو اڌ). سلهه جي بيماريءَ جي وڌيڪ اپائن لاءِ 179 کان 180 صفحا پڙهي ڏسو.

## ملئريا – Malaria

ملئريا رت جي بيماري آهي، جنهن سبب سيءُ ۽ ڏڪڻي سان تيز بخار ٿي پوي ٿو. مليريا، مڇرن سبب پکڙجي ٿي. جڏهن ملئريا ۾ مبتلا فرد کي مڇر چڪ پائي ٿو ته رت سان گڏ ملئريا جا جيوڙا به چوسي وني ٿو، پوءِ اهڙو مڇر جڏهن ڪنهن صحتمند انسان کي چڪ پائي ٿو ته ملئريا جا جيوڙا سندس رت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿو.

### ملئريا جون نشانيون:

- ملئريا جي حملي جا ٽي مرحلا ٿين ٿا:

1. سيءُ ۽ ڏڪڻيءَ سان شروعات ٿئي ٿي. عام طور تي مٿي جو سور به ٿي پوي ٿو. اهڙو فرد 15 منٽن کان هڪ ڪلاڪ تائين ڏڪندو رهي ٿو

2. ڏڪڻيءَ ڪانپوءِ بخار تيز ٿي 40 ڊگريون يا ان کان به وڌيڪ ٿي وڃي ٿو. اهڙو فرد ڪمزور ٿي وڃي ٿو، ڇمڙي ڳاڙهي، ته ڪن وقتن تي وڦلڻ لڳي ٿو، (دماغي حالت صحيح نه ٿي رهيس). بخار ڪيترن ڪلاڪن يا ڏينهن تائين هلي سگهيس ٿو.

3. آخر ۾ ڪيس پگهر اچڻ شروع ٿئي ۽ بخار لهڻ لڳي ٿو. ملئريا جي حملي ڪانپوءِ مريض ڪمزوري محسوس ڪري پر اڳي کان بهتر محسوس ڪري ٿو.



- عام طور تي هر 2 يا 3 ڏينهن تي ملئريا جو بخار ٿي پوي ٿو (ملئريا جي قسم آهر ان کي ٻيئڙ يا ٽيئڙ سڏجي ٿو). جڏهن ته شروعات ۾ روزانو ٿي پوي ٿو. اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته اهڙو بخار هڪ جهڙي وقفي يا عام طرح سان نه اچي. ان ڪري جيڪڏهن ڪنهن کي بخار ٿي پوي ته پنهنجي رت جي چڪاس ڪرائي ملئريا جي خبر رکڻ گهرجي.
- پراڻي ملئريا سبب عام طور تي هيانچو (تري وڌي وڃڻ) ٿي پوي ٿو ۽ رت سڪي وڃي ٿي (ڏسو ص. 124).
- ننڍن ٻارن ۾ هڪ اڌ ڏينهن ۾ ئي رت جي گهٽتائي ۽ چمڙي جي پيلاڻ شروع ٿيڻ لڳي ٿي. جيڪي ٻار دماغي ملئريا جو شڪار ٿيا هجن تن کي دورا پئجي سگهن ٿا ۽ پوءِ بيهوش ٿي وڃن ٿا. هٿ جي ترين جو رنگ به نيراڻ خاڪي مائل ٿي وڃي ٿو. اهڙو ٻار تڪڙا پر گهرا ساهه کڻڻ لڳي ٿو. (**نوٽ:** جن ٻارن کي ٿڄ تي نه پالجي تن کي ملئريا ٿيڻ جو وڌيڪ امڪان رهي ٿو).

### چڪاس ۽ علاج:

♦ جيڪڏهن توهانکي ملئريا جو شڪ هجي يا بخار اٿلي پوندو هجي ۽ ممڪن ٿي سگهي ته، هيلٿ سينٽر وڃي رت جي چڪاس ڪرائجي. جن علائقن ۾ ملئريا جو خطرناڪ قسم، دماغي ملئريا (Falciparam) ٿيندي هجي، اتي ترت علاج ڪرائڻ ضروري ٿي پوي ٿو.

♦ اهڙا علائقا جتي ملئريا عام ٿيندي هجي، اتي هر اهڙو تيز بخار ملئريا جو سمجهڻ گهرجي. توهانجي علائقي ۾ ملئريا جي جيڪا دوا وڌيڪ موثر ثابت ٿيندي هجي اها ئي استعمال ڪرڻ گهرجي. (ملئريا جي دوائن، وزن ۽ وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو صفحا 365 کان 368)

♦ دوا سان نيڪ ٿي وڃڻ جي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جيڪڏهن وري بخار ٿيڻ لڳي ته علاج لاءِ ڪا ٻي دوا استعمال ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ ويجهي هيلٿ سينٽر وڃي صلاح وٺو.

♦ جڏهن ڪنهن اهڙي فرد کي ملئريا ٿيڻ جو امڪان هجي جنهن کي دورا پون يا گردن ٿوڙ جون ٻيون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳن (ص. 185) تڏهن ممڪن آهي ته ڪيس دماغي ملئريا ٿي هجي. ان لاءِ ممڪن ٿي سگهي ته هڪدم ملئريا جي انجيڪشن هڻائجي (ڏسو ص. 367).

## ملئريا (۽ ڊينگي، Dengue) کان ڪيئن بچاءُ ڪجي:

جيئن تہ ملئريا گرميءَ ۽ برساتي مند ۾ وڌيڪ پکڙجي ٿي. تنهنڪري جيڪڏهن سڀ ماڻهو گڏجي سڏجي ڪوششون ڪن تہ ملئريا کان بچي سگهجي ٿو. ان لاءِ هيٺ ڏسيل سيني اپائن تي هڪدم عمل ڪرڻ گهرجي:



1. مڇرن کان پاڻ بچائجي. جتي مڇر نہ هجن اتي سمهجي يا اهڙن مهارن ۾ جنڪي جيت مار دوا لڳل هجي يا مٿان چادر وجهي ڇڏجي. ننڍن ٻارن جي ڪٽوليءَ تي جيتمار دوا لڳل مهارو يا ڪو سنهو ڪپڙو هٽي ڇڏجي.



2. توهانجي ڳوٺ ۾ ملئريا ڪاتي جا ماڻهو اچن تہ انهن سان تعاون ڪجي. جڏهن گهر ۾ ڪنهن فرد کي بخار ٿيو هجي تہ ان جي ساڻن ڳالهہ ڪجي، اهڙي فرد جي رت ڪيڻ ڏجي تہ جيئن اها جاچي ملئريا جي خبر رکي سگهجي.



3. جيڪڏهن توهانکي ملئريا هجڻ جو شڪ هجي تہ هڪدم علاج ڪرائجي. توهانجي علاج ڪرائڻ سان توهانکي ڪائيندڙ مڇرن رستي ٻين تائين ملئريا پکڙجي نہ سگهندي.

4. مڇرن ۽ انهن جي ٻچن کي ناس ڪري ڇڏجي. عام طور تي مڇر بيٺل پاڻي تي پيدا ٿئي، ٻچا ڏئي ۽ واڌ ڪري ٿو. تلاءَ کڏا، پراڻا دٻا، پڳل ٽتل ٽانو ۽ ڪونڊيون وغيره جن ۾ پاڻي گڏ ٿي سگهي ٿو، صاف رکجن. ڍُٻن ۽ اهڙن ٻين هنڌن تان پاڻي نيڪال ڪري يا مٿان ٿورو تيل هاري ڇڏجي. جتي بہ مڇر واڌ ڪن ٿا، جهڙوڪ: بانس جا ڏانديا حصا، اهي مٽيءَ يا واريءَ سان پري ڇڏجن.



5. ملئريا جي دوا پابنديءَ سان استعمال ڪرڻ سان بہ ملئريا کان بچي يا ان جي اثر کي گهڻو گهٽائي سگهجي ٿو (ڏسو ص. 365 کان 368)

## ڊينگي: (Dengue, Break bone fever Dandy fever)

لولي تپ کي ورلي ملئريا سمجهڻ جو ڌوکو ٿئي ٿو. جيڪا هڪ وائرسي بيماري آهي ۽ مڇر رستي پکڙجي ٿي. گذريل چند سالن کان هيءَ بيماري دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ تمام تيزيءَ سان ڦهلجڻ لڳي آهي. اڪثر وبائي صورت ۾ پکڙجي هڪ ئي وقت گهڻن ماڻهن کي متاثر ڪري وجهي ٿي. عام طور تي گرميءَ ۽ برساتي موسم ۾ ٿي پوي ٿي. ڪو بہ فرد لولي تپ ۾ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ونجي ۽ هر ڀيري ان جو وڌيڪ شدت سان شڪار ٿي سگهي ٿو. ڊينگي بخار کان بچڻ لاءِ ضروري آهي تہ مڇرن تي ضابطو رکجي ۽ انهن جي چڪ کان بچاءَ لاءِ مٿي ڏنل اپائن تي عمل ڪجي.

### نشانيون:

- اوچتو سيءَ سان تيز بخار.
- مٿي، جسم ۾ سخت سور ۽ نڙيءَ ۾ سوزش.
- مريض گهڻو بيمار، ڪمزور ۽ بيحال نظر اچي ٿو.
- اهڙو مريض 3 يا 4 ڏينهن بعد ڪجهہ ڪلاڪن کان وٺي 2 ڏينهن تائين بهتر محسوس ڪري ٿو. هڪ يا ٻن ڏينهن لاءِ وري بيمار ٿي پوي ٿو تہ عام طور تي هٿن ۽ پيرن تي ڳاڙها نشان پيدا ٿيڻ شروع ٿين ٿا.
- ڳاڙها نشان ٻانهن ۽ ٽنگن کانپوءِ (عام طور تي منهن کانسواءِ) سڄي جسم تي پکڙجي وڃن ٿا.
- ڊينگي جي هڪ شديد قسم سبب چمڙي هيٺان رت وهي ننڍا ڪارا نشان پيدا ڪري ٿي. يا جسم ۾ خطرناڪ قسم جي رت هير ٿيڻ لڳي ٿي.

### علاج:

- ♦ ڪا بہ دوا اثرائتي ثابت نٿي ٿئي، پر چند ڏينهن کانپوءِ بيماري پاڻهي ڇڏي وڃي ٿي.
- ♦ آرام ڪجي ۽ جهجهيون پاڻيون پيئجن، بخار ۽ سور جي حالت ۾ ائسيٽا مينوفين استعما ل ڪجي (ائسپرين نہ).
- ♦ گهٽي رت وهڻ جي حالت ۾ ضروري سمجهيو وڃي تہ سڪتي جو علاج ڪجي (ڏسو ص. 77).

## بروسيلوسس/ مالٽا بخار: Brucellosis (Undulant fever, Malta fever)

جڏهن ڪنهن اهڙيءَ ڳئونءَ يا ٻڪريءَ جو تازو (اڻ ڪڙهيل) کير پيئجي جنهن کي بروسيلوسس جي بيماري هجي، تڏهن هيءَ بيماري ٿي پوي ٿي. اهڙي بيمار ڍور، رڍ يا ٻڪري سان لاڳاپي ۾ رهندڙ فرد / ڀاڳئي جي چمڙيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو زخم يا ڦٽ هجي ته ان يا ساهه رستي ڦڦڙن تائين هيءَ بيماري پهچي سگهي ٿي.




**نشانيون:**

- بروسيلوسس بخار ۽ ڏڪڻيءَ سان شروع ٿي سگهي ٿي. عام طور تي تمام آهستي ٿڪ، ڪمزوريءَ، بک نه لڳڻ ۽ مٿي جي سور، پيٽ جي سور ته ورلي سنڌن جي سور سان شروع ٿئي ٿي. اهڙيون تڪليفون جيئن پوءِ تيئن وڌنديون وڃن ٿيون.
- بخار هلڪو ته تيز به ٿي سگهي ٿو. عام طور تي ٻنپهرن جو سيءُ ۽ ڏڪڻيءَ سان ته صبح جو ساجهر پگهر اچڻ سان لهي وڃي ٿو. پراڻي بروسيلوسس سبب ڪيترن ڏينهن تائين بخار نٿو اچي ۽ پوءِ وري ٿي پوي ٿو. علاج نه ڪرڻ سان هيءَ بيماري ڪيترن سالن تائين هلي سگهي ٿي.
- ڳچيءَ، ڪن، ڪڇن ۽ ڇڏن جا لمف نوڊ سجي به سگهن ٿا (ص. 88)

**علاج:**

- جيڪڏهن بروسليوسس جو شڪ هجي ته ڊاڪٽر سان صلاح ڪجي، ڇاڪاڻ ته هن بيماريءَ ۽ ٻين بخار وارين بيمارين ۾ فرق ڪري سگهڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو ۽ علاج ڊگهو ۽ مهانگو ٿئي ٿو.
- علاج لاءِ ٽيٽرا سائيڪلن ڏجي، وڏن کي روزانو 4 دفعا، ٽن هفتن تائين 250 ملي گرام ڪيپسول ڪارائجن. احتياطي اپائن لاءِ ڏسو ص. نمبر 356. يا ڪو ٽراءِ موڪسازول استعمال ڪرائجي (وزن ۽ احتياطن لاءِ ڏسو صفحو 358).

**اپاءَ:**

- **ڳئونءَ ۽ ٻڪريءَ جو کير هميشه ڪاڙهي پيئجي.** جن علائقن ۾ بروسيلوسس مسئلو بڻجي ويو هجي اتي ڪچي کير مان نهيل شيون جهڙوڪ پنير / چيز وغيره استعمال ڪرڻ نه گهرجن.
- ڍور ڍڳن ۽ ٻڪريءَ سان لڳ لاڳاپي ۾ اچڻ وقت احتياط ڪجي، خاص طور تي جيڪڏهن هٿن ۾ ڪي ڦٽ، زخم ۽ چير وغيره هجن.
- جانورن جي ماهرن سان ملي پنهنجن جانورن جي صحتمند هجڻ جي تصديق ڪجي.

## ٽائفائيڊ / مدي جو تپ – Typhoid fever

ٽائفائيڊ، اصل ۾ آنڊن جي بيماري آهي جيڪا سڄي جسم کي متاثر ڪري وجهي ٿي، ٽائفائيڊ، متاثر فرد جي ڪرفتي سبب غلط ٿي ويل ڪاڌي پيتي جي واپرائڻ سان پکڙجي عام طور تي وبائي صورت وٺي ٿي. مختلف قسمن جي بيمارين سبب پيدا ٿيندڙ بخارن ۾ ٽائيفائيڊ انتهائي خطرناڪ بيماري آهي ( ڏسو ص. 26).

## ٽائفائيڊ جون نشانيون:




### پهرئين هفتي:

- ♦ بيماري زڪام يا فلو جيان شروع ٿئي ٿي.
- ♦ مٿي ۾ سور، نڙيءَ ۾ تڪليف ۽ عام طور تي سڪي کنگهه ٿي پوي ٿي.
- ♦ بخار گهٽ وڌ ٿيندو رهي ٿو، جڏهن ته روزانو ٿورو ٿورو ايستائين وڌندو رهي ٿو جيستائين $40^0$ يا ان کان به وڌي نٿو وڃي.
- ♦ بخار جي شدت جي پيٽ ۾ نبض تيز نٿي هلي، هر اڌ ڪلاڪ کانپوءِ نبض ۽ بخار تپاسڻ گهرجي. بخار وڌڻ سان **جيڪڏهن نبض جهڪي ٿي وڃي ته اهڙي فرد کي ٽائفائيڊ جو بخار سمجهڻ گهرجي** (ڏسو ص. 26).
- ♦ ورلي قي، دست يا قبضي جي شڪايت ٿي پوي ٿي.

### ٻئي هفتي:

- تيز بخار، نبض قدري جهڪي
- جسم تي ڪجهه گلابي داغ ظاهر ٿي سگهن ٿا.
- ڏڪڻي
- وقل (مريض صحيح طرح سان سوچي نٿو سگهي ۽ ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪندو رهي ٿو.
- ڪمزوري، وزن جي گهٽتائي ۽ سوڪهڙو

### ٽئين هفتو

- جيڪڏهن ٻيون پيچيدگيون نه ٿين ته بخار ۽ ٻيون نشانيون آهستي آهستي ڇڏي وڃن ٿيون.

### علاج:

- ♦ طبي مدد حاصل ڪجي.
- ♦ جن علائقن ۾ ٽائيفائيڊ جي علاج لاءِ ڪلوروم فينيڪول ۽ ايمپيسيلين دوا بي اثر ثابت ٿيندي هجي اتي گهٽ ۾ گهٽ 2 هفتن تائين ڪو- ٽراءِ موڪسازول (ص. 358) ڪارائڻ گهرجي.
- ♦ يا ڪلوروم فيني ڪول ڪارائي ڏسجي (ص. 357) وڏن کي: 250 ملي گرامن جا 3 ڪئپسول ڏينهن ۾ چار دفعا، گهٽ ۾ گهٽ ٻن هفتن تائين. جيڪڏهن ڪلوروم فيني ڪول ملي نه سگهي ته ايمپي سيلين (ص. 357) يا ٽيٽرا سائيڪلين (ص. 356) استعمال ڪرائجي.
- ♦ ٿڌي پاڻيءَ ۾ پسيل ڪپڙي سان بخار گهٽائجي (ڏسو ص. 76).
- ♦ پاڻيون شيون: شوربو، رس ۽ نمڪول جام پيارجي ته جيئن جسم ۾ پاڻيءَ جي کوٽ پيدا ٿي نه سگهي. (ڏسو ص. 152)
- ♦ طاقتور کاڌا کارائجن، ضروري سمجهيو وڃي ته پاڻيٺي صورت ۾ ڏجن.
- ♦ جيستائين مڪمل طور تي بخار ڇڏي نٿو وڃي تيستائين اهڙي فرد کي کٽ تي آرام ڪندو رهڻ گهرجي.
- ♦ جيڪڏهن مريض کي پيٽان رت اچي يا پيريٽونائيٽس (peritonitis) (ص. 94) يا نمونيا (ص. 171) جون نشانيون ظاهر ٿيڻ شروع ٿين ته ڪيس هڪدم اسپتال پهچائجي.

### اپاءَ:

- ♦ ٽائيفائيڊ کان بچڻ لاءِ کاڌي پيتي جي شين کي انساني ڪرفتي سبب غليظ ٿيڻ کان محفوظ رکڻ ضروري آهي. ان لاءِ باب 12 ۾ صحت ۽ صفائيءَ جي ٻڌايل اصولن تي عمل ڪجي. پائخانا استعمال ڪجن، نه هجن ته ٺاهجن. پائخانا، پيئڻ لاءِ حاصل ٿيندڙ پاڻي جي ذريعن کان پري ٺاهجن.
- ♦ عام طور تي ٽائفائيڊ، ٻوڏ يا اهڙين ٻين قدرتي آفتن کانپوءِ پکڙجي ٿي. ٺنهنڪري گهٽ ۾ گهٽ اهڙن حالتن ۾ صفائي ڏانهن خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. پيئڻ لاءِ لازماً پاڪ صاف پاڻي استعمال ڪجي. جيڪڏهن ڳوٺ ۾ ٽائفائيڊ جا مريض هجن ته پيئڻ لاءِ پاڻي اوٻاري استعمال ڪجي. کاڌي ۽ پاڻي جي ڪني/ غليظ ٿيڻ جي سببن ڏانهن ڌيان ڏجي.

### ٽائيفائيڊ کان بچاءُ:

- ٽائيفائيڊ جي وڌيڪ نہ پکڙجڻ لاءِ اهڙي مريض کي هڪ الڳ ڪمري ۾ رهائجي. سندس ڪائڻ ۽ پيئڻ جا ٿانو ٻئي ڪنهن کي استعمال ڪرڻ نہ ڏجن، سندس ڪرفتي ساڙي يا گهرائيءَ ۾ پوري ڇڏجي. سندس پرگهور لهندڙ جڏهن واپس اچن تہ ڪين هڪدم صابڻ سان هٿ ملي صاف ڪري ڇڏڻ گهرجن.
- ٽائيفائيڊ ڇڏي وڃڻ ڪانپوءِ بہ ڪن فردن جي جسم ۾ ٽائيفائيڊ جا جيوڙا باقي رهن ٿا ۽ اهي ٻين تائين پکڙجي سگهن ٿا، تنهنڪري جنهن کي ٽائيفائيڊ ٿي هجي تنهن کي پنهنجي ذاتي صفائيءَ ڏانهن گهڻو وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڪيس نہ تہ ڪنهن هوٽل ۾ نہ ئي ڪاڌي پيتي جي شين واري هنڌ تي ڪم ڪرڻ گهرجي. ورلي، اهڙن فردن لاءِ ايمپي سيلين موثر ثابت ٿئي ٿي جن جي جسم ۾ ٽائيفائيڊ جا جيوڙا ٿين ٿا.

## ٽائفس – Typhus

ٽائيفس، ٽائيفائيڊ جهڙي پر ان کان مختلف بيماري آهي. هن بيماريءَ جي پکڙجڻ جو ذريعو جوئان، چچڙ ۽ جَوا آهن.




### نشانيون:

- ٽائيفس، سخت زڪام جي صورت ۾ شروع ٿئي ٿي. هفتو يا وڌيڪ عرصو گذرڻ ڪانپوءِ بخار شروع ٿئي ۽ ان سان ڏڪڻي، مٿي جو سور، مشڪن ۽ سيني ۾ سور ٿئي ٿو.
- بخار جي چند ڏينهن ڪانپوءِ هڪ مخصوص قسم جا ڳاڙها خارسي نشان پهريائين ڪڇن، پوءِ سڄي جسم ۽ اڳتي هلي ٽنگن ۽ ٻانهن تي ٿي پون ٿا (منهن ۽ هٿن پيرن جي ترين تي نٿا ٿين). اهي ڳاڙها نشان ڏسڻ ۾ ننڍڙن رٽن (bruises) جيان اچن ٿا.
- بخار ٻن هفتن يا وڌيڪ عرصي تائين بہ هلي سگهي ٿو. ٽائيفس جو بخار ننڍن ٻارن ۾ هلڪو تہ وڏن ۾ زورائتو ٿئي ٿو. ٽائيفس جو وبائي قسم خاص طور تي خطرناڪ ثابت ٿئي ٿو.
- چچڙن سبب ٿيندڙ ٽائيفس ۾ چڪ واري هنڌ تي عام طور تي هڪ وڏو ۽ تڪليف ڏهہ زخم ٿي پوي ٿو. چڪ جي پرسان واري هنڌ جا لمف غدود سڄي ڏکڻا ٿي پون ٿا.

### علاج:

- ♦ جڏهن ڪنهن کي ٽائيفس هجڻ جو شڪ هجي تہ هڪدم طبي مدد حاصل ڪجي. جنهن لاءِ خاص تپاسون ڪرائڻ جي ضرورت پوي ٿي.
- ♦ ٽيٽرا سائيڪلين استعمال ڪرائجي. وڏن کي: روزانو 250 ملي گرامن جا 4 ڪئپسول ستن ڏينهن تائين (ڏسو ص. 356) ڪلوروم فيني ڪال جيتوڻيڪ اثرائتي پر وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي (ڏسو ص. 357).

### اپاءَ:

- ♦ صاف سٿرو رهجي. گهر ياتين جون باقاعدگيءَ سان جوئان ڪيبيون رهجن.
- ♦ پنهنجن ڪتن کي چچڙن کان آجو ڪجي ۽ گهر ۾ اچڻ نہ ڏجي.
- ♦ ڪوئا مارجن. ڪوئن مارڻ لاءِ ٻليون يا ڪوئا مار استعمال ڪجي. (ڪوئا مار دوا استعمال نہ ڪجي جو اها ٻارڙن ۽ ٻين جانورن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي).
- ♦ جوا مارجن، مئل ڪوئي کي هٿ نہ لائجي، نہ تہ ڪو جئو توهانجي جسم تائين پهچي سگهي ٿو. ڪوئن ۽ انهن جي جون کي پاٽيءَ ۾ ٻوڙي ۽ ساڙي ڇڏجي. ڪوئن جي ٻرن ۾ جيتمار دوا وجهي ڇڏجي.



## ڪوڙهه: Leprosy (Hansen's disease)

هيءَ مانيٽي، وچڙندڙ بيماري آهستي آهستي واڌ ڪري عام طور تي ڪيترن سالن کانپوءِ ظاهر ٿي پوي ٿي. هيءَ بيماري ڪوڙهه جي اهڙن مريضن کان، جن جو علاج نه ڪيو ويو هجي انهن صحتمند انسانن کي وچڙي ٿي جن جي جسم ۾ ڪوڙهه لاءِ گهٽ مزاحمت ٿئي ٿي. جن هنڌن تي ڪوڙهه عام هجي اتي جي ٻارن، خاص طور تي جيڪي ڪوڙهه جي مريضن سان گڏ رهن ٿا، تن جي هر 6 يا 12 مهينن کانپوءِ چڪاس ضرور ڪرائبي رهجي.

**نشانيون:** ڪوڙهه سبب چمڙيءَ جون ڪيتريون تڪليفون، ڇهڻ جي حس ختم ۽ هٿن پيرن جو فالج ٿي پوي ٿو. ڪوڙهه جي سڀ کان پهرئين عام نشاني جسم تي آهستي وڌندڙ اهڙو سفيد داغ ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ نه ته سور ۽ نه ئي خارش ٿئي ٿي.

**شروع ۾ اهڙي داغ** ۾ عام رواجي حس موجود ٿي سگهي ٿي، ان تي نظر رکجي. جيڪڏهن داغ جو اندريون حصو ٿورڙو يا بلڪل بي حس ٿي وڃي (ڏسو ص. 38) ته اهو ڪوڙهه ٿي سگهي ٿو.

سجو جسم خاص طور تي منهن، ٻانهون، پٺي، ڪلها ۽ ٽنگون جاچي ڏسجن ته چمڙيءَ تي ڪٿي ڪو سفيد داغ ته موجود ناهي.






چوگرد واريءَ چمڙيءَ جي ڀيٽ ۾ چٽن جو رنگ مختلف پر مڪمل طور تي سفيد يا چلر وارو نٿو ٿئي.

داغ، ڏاڍي جي نشان جيان اپريل يا اڻ اپريل ڪنارن سان ٿين ٿا.

**دير سان پيدا ٿيندڙ نشانين** جو مدار، اهڙي فرد جي پنهنجيءَ جسماني مزاحمت تي ٿئي ٿو، تنهنڪري هيٺئين ڳالهين لاءِ ڌيان ڏيو:

- هٿن پيرن جي چپ چپ يا بي حس يا بد شڪل ٿي وڃڻ يا چمڙيءَ جي داغن مان حس جو ختم ٿي وڃڻ.
- هٿن پيرن جي هلڪي ڪمزوري يا بي ڊولائپ.
- ٽنٽن جو سڄي چمڙيءَ جي هينان ٿلهي ڌاڳي جيان محسوس ٿيڻ. زور ڏيڻ سان منجهن سور ٿي به سگهي ٿو ته، نه به.




**شديد مرض جون نشانيون:**







**ڪوڙهه جو علاج:** ڪوڙهه جو مڪمل علاج موجود آهي، پر ان لاءِ دوا ڪيترن سالن تائين لاڳيتي کائڻي پوي ٿي. ڪوڙهه جي علاج جي بهترين دوا ڊيپسون (Dapsone) آهي، پر جي ممڪن ٿي سگهي ته اها ريفامپن (Rifampin) ۽ ڪلوفازيمين (Clofazimine) سان گڏ استعمال ڪجي. (ڏسو ص. 364 - 365). جيڪڏهن دوا جي استعمال دوران، ان جو رد عمل (بخار، ڳاڙها نشان، سور ۽ ممڪن آهي ته هٿن ۽ پيرن جي سوج يا اکين کي نقصان) پيدا ٿئي يا اهڙيون تڪليفون بدتر ٿي وڃن ته اهڙين حالتن ۾ دوا استعمال ڪندي رهڻ سان گڏ ڊاڪٽر سان ضرور صلاح ڪجي.

**هٿن پيرن ۽ اکين جي حفاظت:** عام طور تي ڪوڙهه جي مريض جي هٿن ۽ پيرن تي جيڪي وڏا ڪليل زخم نظر اچن ٿا اهي ڪوڙهه سبب پيدا نٿا ٿين، تنهنڪري انهن کان بچي سگهجي ٿو. جڏهن جسم جا اهي حصا بي حس ٿي وڃن ٿا تڏهن زخم ٿي پون ٿا. ڇاڪاڻ ته، اهڙي فرد کي اها خبر پئجي نٿي سگهي ته ڪيس ڪڏهن ڏک لڳو يا سڙي پيو.

مثال طور، جڏهن عام رواجي حس رکندڙ ماڻهو گهڻو پنڌ ڪري ٿو ته ڪيس لڦ تي پوي ٿي جنهن سبب ڪيس سور ٿئي ٿو ته هو يا منڊڪائي هلي ٿو يا ويهي رهي ٿو.

پر جڏهن ڪوڙهه جي مريض کي لڦ تي پوي ٿي ته ان سبب ڪيس سور محسوس نٿو ٿئي.

جنهن سبب هو تيستائين هلندو رهي ٿو جو لڦ ڦاٽي پوي ٿي ۽ منجهس پڪريز ٿي پوي ٿو.

اهڙي زخم ۾ سور نه ٿيڻ سبب پڪريز وڳهري هڏي تائين پهچي وڃي ٿي.

ڪجهه وقت کانپوءِ هڏو تباهه ٿي وڌيڪ بي ڊولو ٿي وڃي ٿو.





1. جن ڳالهين ڪري هٿ يا پير ڪٽجي، سڙي، رڳجي يا لڦجي سگهن تن کان احتياط ڪجي.

اگهاڙين پيرين نه گهمجي، خاص طور تي اهڙن هنڌن تي جتي ڇهنبيارا پٿر ۽ ڪنڊا وغيره هجن. بوٽ يا جتي پائجي ۽ ان جي اندران ٻاهران ۽ پٽين جي هيٺان نرم ڪپڙو تهه ڪري ڏئي ڇڏجي، ته جيئن پير جو اهڙو حصو گسي نه سگهي.



ڪنهن به ڪم ڪرڻ ۽ ڪاڙهي رڌڻ وقت دستانا پائجن. اهڙيون شيون جيڪي گرم هجن، اهي بنا دستانن يا هٿ تي ٿلهي ڪپڙي ويڙهڻ بنا نه ڪٽڻ گهرجن. جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي، اهڙو ڪو به ڪم نه ڪجي، جنهن سبب ڇهنبيارن يا گرم شين کي ڇهڻو يا ڪٽڻو پوي. تماڪ ڇڪڻ کان پرهيز ڪجي.

2. روزانو، ڏينهن پوري ٿيڻ کانپوءِ ڪجهه وقت ڪيي (جيڪڏهن گهڻو ڪم يا ڊگهو پنڌ ڪرڻو پوي ٿو ته ڪيترائي دفعا) هٿن ۽ پيرن کي ڌيان سان جاچي ڏسجي يا ڪنهن ٻئي کان تپاسرائجن ته اهي ڪٿان ڪٽجي، رڳجي يا چيرجي ته نه پيا آهن، يا ڪٿي ڪنڊو ته نه لڳي پيو آهي. هٿن ۽ پيرن تي اهڙن نشانن ڳولهڻ جي ڪوشش ڪجي جيڪي ڳاڙها هجن، ڇهڻ سان گرم لڳن، سڄي ويا هجن يا جن تي لڦن ٿيڻ جون نشانيون نظر اچن. جيڪڏهن اهڙي ڪا ڳالهه نظر اچي ته هٿن ۽ پيرن کي تيستائين آرام ڏجي جيستائين ڪل مڪمل نيڪ ٿي نٿي وڃي. ائين ڪرڻ سان ڪل ٿلهي ۽ مضبوط ٿي ويندي ۽ زخمن ٿيڻ کان بچي سگهجي ٿو.

3. جيڪڏهن ڪو ڪليل/ ڦاٽل زخم هجي ته اهڙي حصي کي تيستائين وڌ ۾ وڌ صاف رکجي ۽ آرام ڏجي جيستائين زخم مڪمل طور تي پرجي نٿو وڃي. وڌ ۾ وڌ احتياط ڪجي ته جيئن ساڳئي هنڌ تي وري ڪو ڏک لڳي نه سگهي.

4. اکين جي حفاظت ڪجي. جڏهن ڪمزوري يا حس ختم ٿي وڃي تڏهن اکيون گهٽيون ڇينيي نه سگهڻ سبب، اکين کي وڏو نقصان پهچي ٿو. اکيون هر هر ڇنيڻ گهرجن، ته جيئن اهي گهميل ۽ صاف رهي سگهن. جڏهن اکيون صحيح طرح سان ڇينيي نه سگهجن تڏهن ڏينهن ۾ ڪيترائي دفعا، خاص طور تي جڏهن ڊسڙ / مٽي اڏامندي هجي، تڏهن زور سان بند ڪري ڇڏجن. اس کان بچڻ لاءِ اهڙا چشما پائجن جيڪي پاسن کان به بند هجن. ممڪن ٿي سگهي ته اس کان بچڻ لاءِ اهڙيون ٽوپيون



استعمال ڪجن جن سان اکين تي ڇانو پوندي رهي. اکيون صاف سٽريون ۽ مکين کان آجيون رکجن.

جيڪڏهن انهن هدايتن تي عمل ڪجي ۽ وقت سر علاج به ڪرائجي ته ڪوڙهه سبب، **پيدا ٿيندڙ ڪيترين بي ڊولائين کان بچي سگهجي ٿو.** ڪوڙهه بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڏسو ”معذور ڳوناٽا ٻار“ باب 26.